هفتيوار رسالو



# اولياءَ جو شان بزبانِ قرآن



حضرت لقمان حڪيم رحمۃ اللہ علیہ

گذريل زماني جا 3 اولياء

حضرت ذوالڪفل رحمۃ اللہ علیہا

قرآنِ ڪريم ۾ اولياء جو ذڪر خير

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنۡ شَآءَاللہ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ عَلَيۡنَا حِكۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَيۡنَا رَحۡمَتَكَ يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج۱ ص۴۰ دار الفکر بيروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت



**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **اولياء جو شان بزبانِ قرآن**

ڇاپو پهريون:

تعداد:

**ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي**

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اگتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# اولياء جو شان بزبانِ قرآن

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميہ**(دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاھ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)عالمي مدني مرڪز فيضان**

**مدينہ محلہ سوداگرانپراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:☎** +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# پهريان هي پڙهو

الله هڪ آهي، ان جو ڪو شريڪ نہ آهي ۽ ان کان سواءِ ڪوئي بہ عبادت جي لائق نہ آهي. الله پاڪ انسانن جي هدايت ۽ رهنمائيءَ جي لاءِ پنهنجن خاص ٻانهن (يعني رسولن ۽ نبين عَلَيۡهِمِ السَّلَام) کي چونڊيو. جڏهن اسان جي پياري ۽ آخري نبي، مڪي، مدني، محمدِ عربي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي نبوت جو سلسلو ختم ٿي ويو تہ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان دنيا جي مختلف حصن ۾ دين اسلام جو پيغام پهچايو. انهن کان پوءِ تابعين، تبع تابعين ۽ اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِم هن عظيم ڪم کي اڳتي وڌايو. اهو ئي سبب آهي جو اڪثر بزرگانِ دين رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِم جا مزار شريف سندن جاءِ ولادت (يعني پيدائش واري جڳهہ) کان تمام گهڻو پري وارن علائقن يا ملڪن ۾ آهن. اُهي اولياءَ الله دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اسلام جي سربلندي لاءِ هجرت ڪري ويا ۽ پنهنجون زندگيون خدا جي راهہ ۾ گذاري ڇڏيائون. الله پاڪ اسان کي انهن ئي بزرگانِ دين ۽ اولياءِ ڪاملين رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِم جي برڪت سان اسلام جي نعمت پنهنجي ئي وطن ۾ آساني سان نصيب فرمائي، نہ تہ جن ملڪن ۾ اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِم ظاهري طور تشريف فرما نہ ٿي سگهيا، اتي اڄ بہ اسلام ۽ مسلمانن جي حالت انتهائي تشويشناڪ آهي. اسان الله پاڪ جا ڪروڙين شڪر ادا ڪريون تا جو اُن اسان کي پنهنجي سڀ کان آخري ۽ پياري نبي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت ۾ پيدا فرمايو ۽ پوءِ اهلِ بيت اطهار ۽ صحابہءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي عقيدت ۽ محبت جي لازوال دولت عطا فرمائي انهن نُفوسِ قدسيہ جي نقش قدم تي هلڻ وارن پنهنجي نيڪ ٻانهن يعني بُزُرگانِ دين ۽ اولياءِ ڪاملين رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِم جي نسبت سان بہ نوازيو.

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! اسان اهلِ سنت وارن تي الله پاڪ جي هيءَ وڏي ڪرم نوازي آهي. الله پاڪ اسان کي بہ پنهنجي مقبول ٻانهن ۾ شامل فرمائي ۽ قيامت

جي ڏينهن اسان کي خير ۽ عافيت سان سندن رفاقت ۽ جنت الفردوس ۾ پنهنجي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرمائي.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَلحمدُ لِلّٰه! هي رسالو قرآن ڪريم ۾ اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم جي بيان تيل ڪجھ واقعن تي مشتمل آهي. الله پاڪ پنهنجي مبارڪ ڪتاب ۾ جتي جتي پنهنجي نيڪ ٻانهن يعني اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم جو ذڪر فرمايو آهي، انهن مان ڪجھ جاين کي خاص طور تي نمايان ڪري بيان ڪيو پيو وڃي ته جيئن اِهو معلوم تي سگھي ته اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم جو وجود ماڻهن جي لاءِ نعمت هوندو آهي ۽ ان ۾ اسان جي لاءِ انهن جي عزت ۽ تعظيم جو درس موجود آهي جو انهن جي بارگاهه ۾ حاضري ڏيڻ دين ۽ دنيا جي سعادت جو ذريعو بڻجي سگھي ٿي. الله پاڪ اسان کي هميشه انهن جو فرمانبردار رکي. اِن شاءَ اللهُ الڪريم! هن رسالي ڪان بعد قرآن ڪريم مان اولياءِ ڪرام جي ڪرامتن جو ثبوت ۽ پوءِ احاديث مبارڪ جي روشني ۾ ذڪر ۽ ڪرامتن جو تذڪرو پيش ڪيو ويندو. الله پاڪ اسان کي اخلاص جي دولت نصيب فرمائي ۽ پنهنجي اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم جي فيضان سان مالامال فرمائي. اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

والسّلام مَعَ الْاِڪرام

طالبِ غمِ مدينه و بقيع و بي حساب مغفرت

ابومحمد طاهر عطاري مدني عفی عنه

**21 محرم شريف 1447ھ بمطابق 19 جولاءِ 2025**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# اولياء جو شان بزبانِ قرآن

**عطار جي دعا:** يا الله پاڪ! جيڪو بہ هي رسالو ”اولياء جو شان بزبانِ قرآن“ پڙهي يا ٻڌي، ان کي پنهنجي ولين جي پيروي جي توفيق عطا فرماءِ ۽ ان کي پنهنجي مقبول ٻانهن ۾ شامل ڪري، ماءُ پيءُ سميت بي حساب جنت الفردوس ۾ داخلا نصيب فرماءِ. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# بلند درجا حاصل ڪرڻ جو ذريعو

## (درود شريف جي فضيلت)

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: اِنَّ اللّٰهَ تَعَالٰى جَعَلَ لِاُمَّتِيْ فِي الصَّلَاةِ عَلَيَّ اَفْضَلَ الدَّرَجَاتِ
يعني ”بيشڪ الله پاڪ منهنجي اُمت جي لاءِ مون تي درود پاڪ پڙهڻ جي بدلي ۾ اعليٰ درجا رکيا آهن.“ (ڪشف الغمه، 326/1)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# اڳي زماني جا 3 اولياء

”انطاڪيہ“ شام مُلڪ جو هڪ بهترين شهر هو. هي شهر پنجن جبلن سان گِهريل هو. شهر جي ايراضي ٻارهن ميلن تائين پکڙيل هئي. حضرت عيسيٰ روح الله عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي ٻن مبلغن، جن مان هڪ جو نالو **”صادق“** ۽ ٻئي جو نالو **”مصدوق“** هو، کي دين جو پيغام پهچائڻ جي لاءِ ان شهر ڏانهن موڪليو. جڏهن هِي ٻئي بزرگ ان شهر ۾ پهتا تہ سندن ملاقات هڪ پوڙهي ڌنار سان ٿي، جنهن جو نالو **”حبيب نجار“** هو. حبيب نجار انهن کان پڇيو: اوهان ڪير آهيو ۽ ڪٿان آيا آهيو؟ اوهان جو هتي اچڻ جو مقصد ڪهڙو آهي؟ انهن ٻنهي صاحبن ارشاد فرمايو: اسان حضرت

عيسيٰ روح الله عَلَيۡهِ السَّلَام جا مبلغ آهيون ۽ هن وَسَندِيءَ جي ماڻهن کي هڪ خدا جي عبادت جي دعوت ڏيڻ آيا آهيون. حبيب نجار عرض ڪيو: ڇا اوهان وٽ ان جي ڪا نشاني آهي؟ جنهن جي جواب ۾ انهن ٻنهي ارشاد فرمايو: جي ها، اسان مريضن، پيدائشي نابينن ۽ ڪوڙهن (يعني اڇي داغ وارن) کي الله پاڪ جي حڪم سان شفا ڏيندا آهيون. حبيب نجار اهو ٻڌي چوڻ لڳو: منهنجو هڪ پٽ ٻن سالن کان بيمار آهي. ڇا توهان ان کي تندرست ڪري سگهو ٿا؟ انهن فرمايو: بلڪل، ان کي اسان وٽ وٺي اچو. انهن ٻنهي ان مريض ڇوڪري جي جسم تي پنهنجو هٿ ڦيرايو ته اهو فوراً تندرست ٿي اُٿي بيٺو. سموري شهر ۾ اِها خبر جبلي وانگر پکڙجي وئي، ڪيترائي مريض گڏ ٿي ويا ۽ سڀ جو سڀ شفا ياب ٿي ويا.

ان شهر جي بادشاهه جو نالو "**انطيخا**" هو، جيڪو غير مسلم هو. هو انهن ٻنهي اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِم جي نيڪيءَ جي دعوت ٻڌي ڪاوڙ ۾ پنهجو هوش وڃائي وينو ۽ ٻنهي بزرگن کي گرفتار ڪري تشدد ڪيو ۽ ڪين جيل ۾ قيد ڪري ڇڏيو. حضرت عيسيٰ روح الله عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجي حوارين (يعني ساٿين) جي سردار حضرت شمعون رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کي انهن جي پنيان انطاڪيه موڪليو. حضرت شمعون رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ڪنهن طرح بادشاهه وٽ پهتا ۽ ڪيس فرمايائون: جيڪي ٻه ماڻهو قيد ڪيا ويا آهن، ڇا انهن جي ڳالهه ٻڌي وئي هئي ته اهي ڇا چئي رهيا هئا؟ بادشاهه چيو: نه، جڏهن هنن نئين دين جو نالو ورتو ته مون کي فوراً ڪاوڙ اچي وئي. پاڻ فرمايائون: جيڪڏهن بادشاهه جي اجازت هجي ته انهن کي گهرايو وڃي ته ڏسون ته انهن وٽ ڇا آهي؟ جڏهن اهي آيا ته حضرت شمعون رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه انهن کان پڇيو: توهان کي ڪنهن موڪليو آهي؟ انهن جواب ڏنو: ان الله جنهن هر شيءِ کي پيدا ڪيو آهي ۽ هر جاندار کي روزي ڏني آهي ۽ جنهن جو ڪوئي شريڪ نه آهي. پاڻ فرمايائون: ان جون مختصر صفتون بيان ڪيو! انهن چيو: "هو جيڪو چاهيندو آهي اهو ڪندو آهي." حضرت شمعون رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو: توهان وٽ ان ڳالهه جو ڪهڙو ثبوت آهي؟ انهن جواب ڏنو: جهڙو ثبوت بادشاهه گهري، اهو ٻڌي بادشاهه هڪ اهڙي پيدائشي نابين

ڪي گهرايو جنهن جي پيشانيءَ تي اکيون ئي نہ هيون. حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي انهن ٻنهي ولين رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْهِم پنهنجو مبارڪ هٿ ان جي مٿان گهمايو تہ سندس مٿي ۾ اکين جا ٻہ سوراخ ٺهي ويا، پوءِ انهن مٽيءَ جا ٻہ گولا ٺاهي انهن سوراخن ۾ رکي دعا ڪئي تہ اهي مٽيءَ جا گولا اکيون بڻجي روشن ٿي ويا ۽ پيدائشي نابين اکين وارو ٿي ويو.

حضرت شمعون رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: اي بادشاهہ! تون ان جي عبادت ڇو نہ ٿو ڪرين جيڪو ايڏي قدرت وارو آهي جو انڌن کي اکيون عطا ڪري ڇڏي ٿو؟ اهو ٻڌي بادشاهہ انهن ٻنهي بزرگن کي چيو: ڇا اوهان جو خدا مُردن کي زندهہ ڪري سگهي ٿو؟ جيڪڏهن هو مُردن کي جياري سگهي ٿو تہ هڪ مُردي کي جياري ڏيکاري، جيڪو منهنجي هڪ هاريءَ جو پٽ آهي ۽ ست ڏينهن اڳ مري ويو آهي، ان جو جسم خراب ٿي چڪو آهي ۽ بدبو ڦهلجي رهي آهي. مان سندس پيءُ جي انتظار ۾ اجان تائين ان کي دفن نہ ڪيو آهي. بادشاهہ انهن ٽنهي اولياءِ ڪرام رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْهِم کي ساڻ ڪري ان ڇوڪري جي لاش وٽ وٺي آيو. ٽنهي بزرگن دعا گهري تہ الله پاڪ جي حڪم سان اهو مُردو جيئرو ٿي بلند آواز ۾ چوڻ لڳو: مان غير مسلم هئس، مون کي مرڻ کان پوءِ جهنم جي وادين ۾ داخل ڪيو ويو، تنهنڪري مان توهان کي عذابِ الٰهي کان ڊيڄاريندي الله تي ايمان آڻڻ جي دعوت ڏيان ٿو ۽ توهان کي نصيحت ڪريان ٿو تہ خدا جي پيغمبر حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو ڪلمو پڙهي هنن ٽنهي مبلغن جي ڳالهہ مڃي ساڻن سنو سلوڪ ڪريو ڇو تہ هِي ٽيئي اصحاب، حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جا حواري ۽ ان جا مبلغ آهن. اهو منظر ڏسي ۽ مُردي جي تقرير ٻڌي سيئي ماڻهو حيران ٿي ويا. ايتري ۾ حبيب نجار رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه بہ ڊوڙندا تشريف ڪٺي آيا ۽ انهن بہ بادشاهہ ۽ سڄي شهر جي ماڻهن کي مبلغن جي تصديق لاءِ هڪ زبردست تقرير ڪري تيار ڪري ورتو، ايسيتائين جو بادشاهہ ۽ ان جي سيني درٻارين ايمان قبول ڪري ورتو، پر ڪجهہ بدبختن ايمان نہ آندو، بلڪ انهن معاذالله حبيب نجار رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه کي شهيد ڪري ڇڏيو، جنهن ڪري انهن بدبختن تي الله پاڪ جو عذاب نازل ٿيو.

(تفسير صاوي، پارو 22، سورة يٰسين شريف، تحت الآية: 13، 5/1708-1710)

قرآن ڪريم جي مشهور ترين سورت "يٰسين شريف" ۾ هن واقعي کي هن طرح بيان ڪيو ويو آهي:

وَ اضْرِبْ لَهُمْ مَّثَلًا اَصْحٰبَ الْقَرْیَةِۘ اِذْ جَآءَهَا الْمُرْسَلُوْنَ(۱۳) اِذْ اَرْسَلْنَاۤ اِلَیْهِمُ اثْنَیْنِ فَكَذَّبُوْهُمَا فَعَزَّزْنَا بِثَالِثٍ فَقَالُوْۤا اِنَّاۤ اِلَیْكُمْ مُّرْسَلُوْنَ(۱۴) (پارو: 22، سورة يٰسين: 13-14)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ انهن سان شهر وارن جو مثال بيان ڪر جڏهن انهن وٽ رسول آيا، جڏهن اسان انهن جي طرف ٻہ رسول موڪليا تہ انهن هنن کي ڪُوڙو چيو پوءِ اسان ٽِئين جي ذريعي مدد ڪئي سو انهن سيني چيو تہ بيشڪ اسان توهان جي طرف موڪليا ويا آهيون.

ڪجھ آيتن کان پوءِ حضرت حبيب نجار رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه جي ڳالھ قرآن ڪريم ۾ هن طرح بيان ڪئي وئي آهي:

وَ جَآءَ مِنْ اَقْصَا الْمَدِیْنَةِ رَجُلٌ یَّسْعٰى قَالَ یٰقَوْمِ اتَّبِعُوا الْمُرْسَلِیْنَ(۲۰)لا اتَّبِعُوْا مَنْ لَّا یَسْـٴَـلُكُمْ اَجْرًا وَّ هُمْ مُّهْتَدُوْنَ(۲۱) (پارو: 22، سورة يٰسين: 20-21)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ شهر جي پَرين ڪناري کان هڪ مرد ڊوڙندو آيو، ان چيو: اي منهنجي قوم! ان رسولن جي پيروي ڪريو، اهڙن جي پيروي ڪريو جيڪي توهان کان ڪو معاوضو نہ ٿا گهرن ۽ اهي هدايت حاصل ڪيل آهن.

تقريباً **226** سال اڳ جا بزرگ حضرت احمد بن محمد مالڪي رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه پنهنجي تفسير "**حاشية الصاوي علي الجلالين**" ۾ ۽ بين مفسرين ڪرام هن واقعي کي پنهنجي پنهنجي تفسير ۾ لکيو آهي:

حضرت عيسيٰ روح الله عَلَيۡهِ السَّلَام جا ٽي مبلغ، جيڪي سندن امت جي اولياء ڪرام رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡهم مان هئا. انهن جي هيءَ ڪرامت هئي تہ اهي الله پاڪ جي حڪم ۽ ان جي عطا ڪيل طاقت سان پيدائشي نابينن کي اکيون، بيمارن کي صحت ۽ تندرستي ڏيندا هئا، بلڪ مُردن کي بہ جيئرو ڪندا

هئا. جڏهن حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي امت جا اولياء ڪرام رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِم اهڙا تصرفات ڪري سگهندا هئا، تہ پوءِ حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي بہ آقا، بلڪ سڀني نبين جي سردار محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت، جيڪا اڳين سڀني امتن کان افضل ۽ اعليٰ آهي، ان جي اولياءِ ڪرام جو شان ۽ عظمت ڪيترو بلند هوندو؟

اسان جي پياري ۽ آخري نبي، مڪي مدني محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان اڳ ۾ جيترا بہ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام دنيا ۾ تشريف فرما ٿيا آهن ۽ انهن جي اُمتن ۾ جيترا بہ اولياءِ ڪرام ٿيا، انهن سڀني کان افضل اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي برڪت سان پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ئي اُمت جا اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِم آهن.

## سمجهڻ جي ڳالهہ

الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ هر مومن مسلمان جي وڏي عزت ۽ شان آهي. قرآن ڪريم ۾ هڪ عام مومن مسلمان بابت بدگماني ڪرڻ، ان تي تهمت ۽ بهتان لڳائڻ، ان جو مذاق اڏائڻ، ان کي بُرن نالن سان پڪارڻ، ان کي تڪليف ڏيڻ ۽ معاذالله! ان کي قتل ڪرڻ تي سخت وعيدون بيان ڪيون ويون آهن. احاديث مبارڪ ۾ بہ هڪ مومن مسلمان جي عزت ۽ حرمت جي وڏي تاڪيد آهي. جڏهن هڪ عام مسلمان جي عزت ۽ حرمت جي الله پاڪ ۽ ان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ ايتري قدر اهميت آهي تہ پوءِ جيڪو عالم دين هوندو، ان جي تعظيم ۽ احترام جو درجو ڪيترو نہ وڌيڪ هوندو. عالم دين جي غير عالم تي شان ۽ عظمت جي لاءِ هيءَ هڪ آيتِ ڪريمہ ئي ڪافي آهي. سيپارو **23**، سورت الزمر جي آيت نمبر **9** ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

﴿قُلۡ هَلۡ يَسۡتَوِي الَّذِيۡنَ يَعۡلَمُوۡنَ وَالَّذِيۡنَ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ؕ﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: اوهان فرمايو ڇا علم وارا ۽ بي علم برابر آهن؟

جڏهن عالمِ دين ۽ غير عالم برابر نہ آهن تہ پوءِ ولي الله جو درجو تہ ان کان بہ مٿي آهي، جوتہ الله پاڪ جو ولي هجڻ جي لاءِ عالم هجڻ شرط آهي. ”ولي“ جو هڪ مطلب دوست آهي ۽ الله پاڪ جاهل کي دوست نہ رکندو آهي. الله پاڪ جڏهن ڪنهن کي پنهنجو دوست (يعني ولي) بڻائيندو آهي تہ ان کي پهريان پنهنجي دين جي علم جو عالم بہ بڻائيندو آهي.

## باادب بانصيب

اَلحمدُلِلّٰہِ الکریم! الله پاڪ جي نيڪ ۽ برگزيده ٻانهن (يعني اولياءِ ڪرام رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡهِم) بابت صدين کان عام مسلمانن جو طرز عمل ادب ۽ تعظيم وارو رهيو آهي. عاشقانِ اولياء، بزرگانِ دين رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡهِم جي حياتِ مبارڪ (يعني زندگي) ۾ انهن جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي فيض حاصل ڪندا آهن ۽ سندن وفات شريف کان پوءِ انهن جي مزارن تي حاضر ٿي قرآن ڪريم جي تلاوت ڪندا آهن ۽ ايصال ثواب لاءِ ٻيا نيڪ ڪم ڪري برڪتون حاصل ڪندا آهن.

الله پاڪ پنهنجن انهن اولياءِ ڪرام کي دنيا ۾ ۽ دنيا مان وڃڻ کان بعد وڏي شان ۽ منزلت سان نوازيندو آهي، ماڻهن جي دلين ۾ سندن محبت ۽ عقيدت داخل ڪري ڇڏيندو آهي جو صديون گذرڻ باجود بہ خلقِ خدا انهن جي مزارن تي حاضر ٿي سندن وسيلي سان الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعائون گهرندي آهي ۽ الله پاڪ پنهنجن انهن اولياء ڪرام جي صدقي ۾ انهن جون دعائون قبول فرمائيندو آهي. الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان ان جا مقبول ٻانها يعني اولياءِ ڪرام رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡهِم دنيا ۽ آخرت ۾ ان جي عذاب ۽ ناراضگي کان امان ۾ هوندا آهن. جيئن سيپارو: **11**، سورت يونس جي آيت نمبر: **62** ۽ **63** ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

اَلَاۤ اِنَّ اَوۡلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوۡفٌ عَلَيۡهِمۡ وَ لَا هُمۡ يَحۡزَنُوۡنَ ﴿۶۲﴾ۚ اَلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ كَانُوۡا يَتَّقُوۡنَ ﴿۶۳﴾ؕ

**ترجموڪنزالعرفان:** ٻڌو، بيشڪ الله جي ولين تي نہ ڪجهہ خوف هوندو ۽ نہ اهي غمگين ٿيندا. اهي جن ايمان آندو ۽ ڊڄندا رهيا.

حضرت علامہ احمد صاوي مالِڪي رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه هن آيت جي تفسير ۾ لکن ٿا: قيامت جي ڏينهن انهن تي نہ ڪو خوف هوندو ۽ نہ ئي ان ڏينهن اهي غمگين ٿيندا، ڇوتہ الله پاڪ پنهنجي ولين کي دنيا ۾ انهن شين کان محفوظ فرمائي ڇڏيو آهي جيڪي آخرت ۾ خوف ۽ غم جو باعث بڻجنديون آهن. (تفسير صاوي، پارو: 11، سورة يونس، تحت الآية: 62، 880/3)

## وليءَ جو مطلب ڇا آهي؟

"**وَلِي**" عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جو اصل "**وِلاءُ**" آهي، جنهن جي معنيٰ قرب ۽ مدد آهي. "وَلِيُّ الله" اهو آهي جيڪو فرائض جي ذريعي الله پاڪ جو قرب حاصل ڪري ۽ الله پاڪ جي فرمانبرداري ۾ مصروف رهي. مطلب تہ، هُو هر ڪم الله پاڪ جي مرضيءَ مطابق ڪري ۽ الله جي ذڪر مان نہ ٿڪجي. فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: **وَلِيُّ الله** اهو آهي جنهن کي ڏسڻ سان الله پاڪ ياد اچي. (جامع صغير، ص: 168، حديث: 2801)

## الله پاڪ جي باري ۾ صحيح عقيدو

الله پاڪ جو ولي هجڻ جي معنيٰ ان جي بارگاهہ جو مقرّب (يعني مقبول يا پسنديده) هجڻ آهي. الله پاڪ پنهنجي ڪرم سان جنهن کي چاهي، ان کي ولايت جي عظيم الشان نعمت سان نوازي ڇڏيندو آهي. الله پاڪ ڪجهہ حضرات کي پيدا ئي ولي صفت تي فرمائيندو آهي، جنهن کي "**مادر زاد ولي**" (يعني پيدائشي ولي) چوندا آهن، جيئن حضرت بي بي مريم رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْها مادرزاد وليہ هيون.

ياد رکو! ڪو بہ ولي ڪيڏي بہ وڏي رتبي وارو ڇو نہ هجي، ڪنهن صحابي جي رتبي کي نہ ٿو پهچي سگهي. اهلِ سنت جو هن ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ ڪو بہ ولي ڪنهن نبي عَلَيْهِ السَّلَام کان افضل نہ ٿو ٿي سگهي. اهو ضروريات دين مان آهي. (الرسالة القشيرية، ص: 380) (ارشاد الساري، 378/1، تحت الحديث: 122)

اهڙي طرح ڪو بہ ولي، غوث يا صديق بہ، ڪنهن نبي کان افضل نہ ٿو ٿي سگهي. جيڪو ائين چوي يا سمجهي اهو متفقہ طور پڪو ڪافر ۽ بي دين آهي. (فتاويٰ رضويه: 584/15)

# ولايت ڪنهن کي ملندي آهي

الله پاڪ جنهن کي به ولي بڻائيندو آهي، پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان ئي بڻائيندو آهي. ڪو به پانهو ڪيتريون ئي وڏيون وڏيون عبادتون چو نه ڪري وليءَ جي مقام ۽ مرتبي تائين نه ٿو پهچي سگهي، ها پر نيڪ عمل الله پاڪ جي ولي هجڻ جو ذريعو بڻجي سگهن ٿا. قرآن ڪريم ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

﴿وَالَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ لَمَعَ الْمُحْسِنِيْنَ﴾

(پارو: 21، سورة العنكبوت: 69)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ جن اسان جي راهه ۾ ڪوشش ڪئي، ضرور اسان انهن کي پنهنجا رستا ڏيکاريندا سين ۽ بيشڪ الله نيڪَن سان گڏ آهي.

امام اهل سنت، اعليٰ حضرت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا: ”ولايت ڪَسبِي نه آهي (يعني ڪوشش ڪري حاصل نه ٿي ڪري سگهجي)، محض عطائي (يعني الله پاڪ جي عطا سان ئي ملندي) آهي. ها! ڪوشش ۽ مجاهدو ڪرڻ وارن کي الله پاڪ پنهنجي راهه ڏيکاريندو آهي.“ (فتاويٰ رضويه، 606/21) جيئن مٿي آيت مبارڪ ۾ بيان ٿيو.

تُو اپنی ولایت کی خیرات دے دے　　　میرے غوث کا واسطہ یاالٰہی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# ڇا اولياءِ ڪِرام کان گناهه نه ٿو ٿي سگهي؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! گناهن کان معصوم هجڻ (يعني گناهه ٿي ئي نه سگهي) اِها انبياءِڪِرام عَلَيْهِمُ السَّلَام ۽ ملائڪن جي خصوصيت آهي. الله پاڪ جي رحمت ۽ ان جي فضل سان اولياءِ ڪرام رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْهِم الله جي اَمانَ ۾ هوندا آهن، توڙي جو انهن کان گناهه ٿي سگهن ٿا، اهي گناهن کان معصوم نه آهن، پر رحمتِ الٰهي سان اهي گناهن کان محفوظ هوندا آهن. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ سيپارو: **15**، سورت بني اسرائيل جي آيت: **65** ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

﴿اِنَّ عِبَادِیْ لَیْسَ لَكَ عَلَیْهِمْ سُلْطٰنٌ ﴾

ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ جيڪي منهنجا ٻانها آهن، انهن تي توکي ڪا طاقت نہ آهي.

# قرآن ڪريم ۾ اولياءِ ڪرام جو ذِڪرِ خير

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ گذريل امتن جي ڪيترن ئي اولياءِ ڪرام جو ذڪرِ خير فرمايو آهي، جهڙوڪ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي زماني جا مشهور اولياءِ ڪرام، جن کي ”اصحاب ڪهف“ چوندا آهن، بلڪ انهن جي نالي تي پوري سورت جو نالو ئي ”ڪهف“ آهي. ڪهف عربي ٻوليءَ ۾ ”غار“ کي چوندا آهن. غار ۾ تقريباً **309** سالن تائين سمهڻ وارن انهن اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم جي تعداد بابت مختلف قَولَ آهن، پر سڀ کان مضبوط قول **7** ڄڻن جو آهي. سيپاري **15** ۾ موجود سورت ڪهف جي آيت نمبر **9** کان آيت نمبر **26** تائين اصحابِ ڪهف جو واقعو بيان ٿيل آهي.

قرآن ڪريم ۾ جن گذريل امتن جي اولياءِ ڪرام جو ذڪرِ خير آيو آهي، هاڻي اسان انهن جو تذڪرو ڪنداسين تہ جيئن اوهان کي معلوم ٿي سگهي تہ اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم جو ذڪرِ خير ڪرڻ ڪا نئين ڳالهہ نہ آهي، بلڪ اهو قرآن ڪريم مان ثابت آهي ۽ الله پاڪ پنهنجي هن پاڪيزه ڪلام ۾ ڪيترين ئي جاين تي انهن نيڪ هستين جو ذڪر فرمايو آهي، بلڪ انهن بابت پُورا پُورا واقعا بيان فرمايا آهن ۽ انهن جي نسبت سان مختلف سورتن جا نالا رکيا ويا آهن. حضرت سفيان بن عيينہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: الله جي نيڪ ٻانهن جو ذڪر ڪرڻ وقت رحمت نازل ٿيندي آهي.

(حلية الاولياء، 335/7، رقم: 10750)

اچو تہ! رحمتِ الٰهي مان حصو حاصل ڪرڻ جي لاءِ انهن اولياءِ ڪرام جو ذڪرِ خير ڪريون ٿا.

# 309 سالن تائين آرام فرمائڻ وارا اولياءِ ڪرام

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ سيپارو **15**، سورت ڪهف جي آيت نمبر **9** ۾ اصحابِ ڪهف جو ذڪر ڪجھ هن طرح فرمايو آهي:

﴿اَمْ حَسِبْتَ اَنَّ اَصْحٰبَ الْكَهْفِ وَ الرَّقِيْمِ ۙ كَانُوْا مِنْ اٰيٰتِنَا عَجَبًا﴾

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ڇا اوهان کي خبر آهي تہ غار ۽ جھنگ جي ڪناري وارا (اهي) اسان جي نشانين مان هڪ عجيب نشاني هئا.

تقريباً اڍائي سؤ سال پهريان جا مفسر قرآن حضرت شيخ سليمان جمل رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه پنهنجي تفسير جمل ۾ لکن ٿا تہ: اصحابِ ڪهف جا نالا وڏي برڪت وارا آهن ۽ اڪابر بزرگانِ دين رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْهِم انهن جا فائدا بيان ڪيا آهن، جيڪڏهن انهن جا مبارڪ نالا لکي دروازي تي لٽڪايا وڃن تہ گهر باھ لڳڻ يا سڙڻ کان محفوظ رهندو آهي، مال ۾ رکيا وڃن تہ چوري ناهي ٿيندو، ٻيڙي يا جهاز انهن جي برڪت سان ٻڏندو ناهي، ڀڄي ويل شخص انهن جي برڪت سان موٽي ايندو آهي، ڪٿي باھ لڳي وڃي ۽ اُتي هِي نالا مبارڪ ڪپڙي ۾ ويڙهي اڇلايا وڃن تہ اها وسامي ويندي آهي، ٻار جي روئڻ، مُدي جو بخار، مٿي جو سُور، اُمُ الصِبيان(خاص قسم جي دماغي جهٽڪن ۽ دورن واري بيماري)، خشڪي ۽ تَرِيءَ جي سفر ۾، جان ۽ مال جي حفاظت، عقل ۾ ترقي ۽ قيدين جي آزاديءَ جي لاءِ هِي نالا مبارڪ لکي تعويذ وانگر ٻانهن ۾ ٻڌجن تہ گهربل مقصد حاصل ٿيندو.

(تفسير جمل، پارو: 15، سورة الكهف، تحت الآية: 22، 409/4)

انهن اولياءِ ڪرام رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْهِم جو مڪمل واقعو ترجمو ڪنزالعرفان ۽ تفسير صراط الجنان مان پڙهو، اِن شاءَ اللهُ الكريم!، اولياءِ ڪرام جي عقيدت ۽ محبت سان ايمان تازو ٿي ويندو. الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## اُمّتِ محمدي جي وليِ اللّٰه جو شان

جڏهن حضرت عيسيٰ روح الله عَلَيْهِ السَّلَام جي زماني جي اولياء ڪرام جو اهو شان آهي تہ نبي آخرالزمان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت جي اولياء ڪرام جي شان ۽ عظمت ڪيتري نہ بلند هوندي. جيڪڏهن ڪو عاشقِ اولياء حضور غوث پاڪ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي مبارڪ نالن مان برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ انهن جو وِردُ ڪري يا سندن نالن جو تعويذ ناهي پائي تہ ان کي برڪتون ڇو ڪو نہ نصيب ٿينديون، ڇو نہ ان جا مشڪل ڪم آسان ٿيندا؟

## سموري دنيا تي حڪومت ڪرڻ وارا وليِ اللّٰه

سورت ڪهف ۾ ئي الله پاڪ جي هڪ ٻئي ولي جو واقعو بيان ڪيو ويو آهي، جنهن جو نالو مبارڪ "اسڪندر" ۽ لقب ذوالقرنين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه آهي. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام جا ماسات آهن. دنيا ۾ چار وڏا بادشاهہ تي گذريا آهن، جن مان ٻہ مومن هئا: حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام ۽ حضرت ذوالقرنين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ۽ ٻہ ڪافر هئا: نمرود ۽ بخت نصر ۽ پنجين نمبر تي وڏا بادشاهہ حضرت امام مهدي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هوندا، انهن جي حڪومت سڄي زمين تي هوندي. مسلمانن جي چوٿين خليفي، حضرت علي المرتضيٰ رضی الله عنه (اسڪندر ذوالقرنين بابت) فرمايو تہ اهي نہ نبي هئا ۽ نہ ئي ملائڪ، بلڪ الله پاڪ سان محبت ڪرڻ وارا ٻانها هئا ۽ الله پاڪ کين محبوب بڻايو. (تفسير صراط الجنان، پارو: 16، الڪهف، تحت الآية: 83، 29/6)

سيپارو: **16**، سورت ڪهف جي آيت نمبر **83**۽**84** ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَ یَسْــٴَـلُوْنَكَ عَنْ ذِی الْقَرْنَیْنِؕ قُلْ سَاَتْلُوْا عَلَیْكُمْ مِّنْهُ ذِكْرًاؕ(۸۳) اِنَّا مَكَّنَّا لَهٗ فِی الْاَرْضِ وَ اٰتَیْنٰهُ مِنْ كُلِّ شَیْءٍ سَبَبًاۙ(۸۴)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اوهان کان ذوالقرنين جي باري ۾ پڇن ٿا، اوهان فرمايو مان عنقريب توهان جي سامهون ان جو ذڪر پڙهي ٻڌايان ٿو. بيشڪ اسان ان کي زمين ۾ طاقت ڏني ۽ ان کي هر شيءِ جو هڪ سامان عطا ڪيو.

**تفسير خازن ۾ آهي:** بيشڪ اسان حضرت ذوالقرنين رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کي زمين ۾ اقتدار ڏنو ۽ ان کي هر قسم جو سامان يا ان کي حاصل ڪرڻ جو طريقو عطا فرمايو ۽ جنهن شيءِ جي مخلوق کي ضرورت هوندي آهي ۽ جيڪو ڪجهه بادشاهن کي ملڪ ۽ شهر فتح ڪرڻ ۽ دشمنن سان جنگ ڪرڻ جي لاءِ گهربل هوندو آهي اهو سڀ ڪجهه عطا ڪيو. (تفسير خازن، پارو:16، الکهف، تحت الآية: 84، 223/3)

قرآن ڪريم ۾ انهن جي مشرق ڪان مغرب تائين سموري دنيا جي سفر جو بيان آهي. سورت ڪهف جي آيت نمبر **83** ڪان **99** تائين پڙهو ۽ ايمان تازو ڪريو.

جيڪو رب ڪريم حضرت ذوالقرنين رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کي ظاهري دنيا جي بادشاهت عطا فرمائي سگهي ٿو، اهو ئي رب پنهنجي ڪرم سان امتِ محمدي جي ولين کي ماڻهن جي دلين تي حڪومت به عطا ڪري سگهي ٿو. ڏسو! اڄ پاڪستان ۽ هندستان سميت دنيا جي مختلف ملڪن ۾ اهڙيون ڪيتريون ئي مبارڪ مزارون نظر اينديون، جتي خلق خدا پروانن وانگر ذوق ۽ شوق سان ايندي آهي ۽ الله پاڪ جي رحمت سان مَن جون مُرادون حاصل ڪندي آهي. الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## ملڪ بلقيس جو تخت آڻڻ وارو "ولي الله"

الله پاڪ جي پياري نبي حضرت سليمان عَلَیۡہِ السَّلَام جي وزير جو نالو حضرت آصف بن برخيا رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ آهي. سپاري **19**، سورت النمل جي آيت نمبر **40** ۾ فرمايو ويو آهي:

﴿قَالَ الَّذِیۡ عِنۡدَهٗ عِلۡمٌ مِّنَ الۡكِتٰبِ اَنَا اٰتِیۡكَ بِهٖ قَبۡلَ اَنۡ یَّرۡتَدَّ اِلَیۡكَ طَرۡفُكَ ؕ﴾

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ان عرض ڪيو جنهن وٽ ڪتاب جو علم هو ته مان ان کي اوهان جي بارگاهه ۾ اوهان جي اک چنڀ ڪان اڳ ۾ ڪٽي ايندس

تفسير جي ڪيترين ئي ڪتابن ۾ لکيل آهي ته جنهن وٽ ڪتاب جو علم هو ان مان مراد حضرت آصف بن برخيا رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ آهن. (تفسير قرطبي، پارو 19، النمل، تحت الآية: 40، 156/7)

جڏهن حضرت سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام جي زماني جا ولي هزارين ميل پَري کان تخت کڻي اچي سگهن ٿا ته پوءِ محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت جا ولي، حضور داتا علي هجويري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه غير مسلم کي اسلام جي طاقت ڏيکارڻ ۽ ولي الله جو شان سمجهائڻ جي لاءِ برطانيہ مان ان جي ئي کوپ ۾ گرم گرم چانهہ چو نہ ٿا آڻي سگهن؟ يقيناً آڻي سگهن ٿا. بيشڪ الله پاڪ پنهنجن وَلِين کي اهڙيون بيشمار طاقتون عطا فرمايون آهن. الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## حضرت لقمان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه

حضرت لقمان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه، جن کي دنيا لقمان حڪيم جي نالي سان سڃاڻيندي آهي، اهي بہ الله پاڪ جا نيڪ ٻانها ۽ ولي الله ٿي گذريا آهن. پاڻ حڪيم (يعني ڊاڪٽر) نہ هئا، بلڪ علم ۽ حڪمت سان ڀرپور ڳالهيون ارشاد فرمائيندا هئا تنهنڪري کين ”حڪيم“ سڏيو ويندو آهي. قرآن ڪريم ۾ هڪ سورت سندن مبارڪ نالي تي آهي. جيئن تہ سيپاري **21**، سورت لقمان جي آيت نمبر **12** ۾ الله پاڪ فرمايو آهي:

﴿ وَ لَقَدۡ اٰتَيۡنَا لُقۡمٰنَ الۡحِكۡمَةَ اَنِ اشۡكُرۡ لِلّٰهِ ؕ ﴾

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ بيشڪ اسان لقمان کي حڪمت عطا فرمائي تہ الله جو شڪر ادا ڪر.

حضرت لقمان حڪيم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه حضرت ايوب عَلَيۡهِ السَّلَام جا ڀاڻيجا هئا. پاڻ هڪ هزار سال عمر ماڻيائون. حضرت داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام کان پهريان پاڻ بني اسرائيل جا مفتي هئا. جڏهن حضرت داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام نبوت جي منصب تي فائز ٿيا تہ پاڻ فتويٰ ڏيڻ ڇڏي ڏنائون. پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه چار هزار انبياء ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي خدمت ۾ حاضري ڏني. (عجائب القرآن، ص: 358)

تقريباً ٽي سؤ سال پهريان جا بزرگ حضرت علامه محمد اسماعيل حقي رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه لکن ٿا: حضرت لقمان حڪيم رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه جي قبر "**رملہ**" ۾ آهي ۽ ان جاءِ تي **70** انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام بہ مدفون آهن. سندن قبر تي هڪ بلند نشان آهي ۽ ماڻهو پري پري کان انهن جي قبر جي زيارت لاءِ ايندا آهن. (تفسير روح البيان، پارو: 21، سورة لقمان، تحت الآية: 12، 7/77)

اي عاشقانِ اولياء! حضرت لقمان حڪيم رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه جي مزار شريف کي هزارين سال گذري ويا آهن. صدين کان ماڻهو سندن مزار شريف جي زيارت لاءِ پري پري کان ايندا آهن. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ اولياءِ ڪرام رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْهِم جي مزارن جي زيارت لاءِ سفر ڪرڻ ۾ ڪا بہ ممانعت نہ آهي. پوءِ جيڪڏهن مولانا روم رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه يا امتِ محمدي جا اُهي بزرگانِ دين، جن جي علم ۽ حڪمت سان پريل گُفتَن جا مثال صدين کان بيان ٿِي رهيا آهن، انهن جي مزار شريف جي زيارت لاءِ ڪو وڃي ٿو تہ ان کي چو بُرو پلو چيو ويندو؟ الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## حضرت طالوت رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه

قرآن ڪريم جي سڀ کان وڏي سورت "سورت البقره" ۾ هڪ ولي الله حضرت طالوت رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه جو ذڪر خير آهي. دراصل بني اسرائيل جو نظام ائين هلندو هو جو هميشہ انهن ۾ هڪ بادشاهہ هوندو هو، جيڪو ملڪي نظام هلائيندو هو ۽ هڪ نبي هوندو هو، جيڪو شريعت ۽ ديني معاملن جي رهنمائي فرمائيندو هو. الله پاڪ جي نبي حضرت شمويل عَلَيْهِ السَّلَام جي زماني ۾ ڪو بہ بادشاهہ نہ هو جنهن ڪري بني اسرائيل کين درخواست ڪئي تہ توهان ڪنهن کي اسان جو بادشاهہ مقرر ڪريو تہ پاڻ حڪمِ خداوندي جي مطابق حضرت طالوت رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه کي انهن جو بادشاهہ بڻايو، جيڪي بني اسرائيل ۾ سڀني کان وڌيڪ طاقتور ۽ سڀني کان وڏا عالم هئا. پارو: **2**، سورة البقرة جي آيت نمبر **247** ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَ قَالَ لَهُمْ نَبِيُّهُمْ اِنَّ اللّٰهَ قَدْ بَعَثَ لَكُمْ طَالُوْتَ مَلِكًا ؕ قَالُوْۤا اَنّٰى يَكُوْنُ لَهُ الْمُلْكُ عَلَيْنَا وَ نَحْنُ اَحَقُّ بِالْمُلْكِ مِنْهُ وَ لَمْ يُؤْتَ سَعَةً مِّنَ الْمَالِ ؕ قَالَ اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰىهُ عَلَيْكُمْ وَ زَادَهٗ بَسْطَةً فِی الْعِلْمِ وَ الْجِسْمِ ؕ وَ اللّٰهُ يُؤْتِیْ مُلْكَهٗ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ (۲۴۷)

**ترجمو كنزالعرفان:** ۽ انهن کي انهن جي نبي فرمايو: بيشڪ الله طالوت کي توهان جو بادشاهه مقرر ڪيو آهي. اهي چوڻ لڳا: ان کي اسان جي مٿان ڪيئن بادشاهي حاصل ٿي وئي حالانڪ اسان ان کان وڌيڪ بادشاهي جا حقدار آهيون ۽ ان کي مال ۾ به وسعت ناهي ڏني وئي. ان نبي فرمايو: ان کي الله توهان تي چوندي ورتو آهي ۽ کيس علم ۽ جسم ۾ ڪشادگي وڌيڪ ڏني وئي آهي ۽ الله جنهن کي چاهي پنهنجو ملڪ ڏي ۽ الله وسعت وارو، علم وارو آهي.

حضرت طالوت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه رشتي ۾ حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلَام جا سُهرا آهن، جيئن ته ٻئين سيپاري جي انهن ئي آيتن ۾ آهي. جڏهن حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلَام جالوت (غير مسلم) کي شڪست ڏني ته حضرت طالوت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ساڻن پنهنجي نياڻي جو نڪاح ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي اڌ سلطنت جو ڪين سلطان ٻڻائي ڇڏيو. (تفسير جمل، پارو: 2، البقرة، تحت الآية: 251، 308/1)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ جيڪو چاهي ڪري سگهي ٿو. جڏهن ان جي چاهڻ سان بني اسرائيل جي هڪ نيڪ شخص کي سڄي ملڪ جي بادشاهت عطا ٿي سگهي ٿي ته پوءِ جيڪڏهن هو پنهنجي سڀ کان پياري ۽ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت جي ڪنهن مقبول ۽ نيڪ ٻانهي جهڙوڪ: حضرت سلطان صلاح الدين ايوبي يا حضرت نورالدين زنگي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهما کي دنياوي حڪومت سان گڏوگڏ ڪافرن تي اهڙي رعب ۽

ڏيڏبي جي دولت سان نوازي جو ڪافر سنڌن ناليِ کان بہ ڪنبندا هجن، تہ ان ۾ ڪهڙي حيرت جي ڳالهہ آهي؟

## حضرت عمران رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه

حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي ناني ۽ حضرت بيبي مريم رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡها جي معزز والد جو نالو حضرت عمران آهي. انهن جي معزز زوجہ جو نالو حضرت حِنّہ رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡها آهي، جيڪا حضرت مريم رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡها جي معزز والده آهي. هي نيڪن جو خاندان هو ۽ اهي سڀ حضرات الله پاڪ جا مقبول بندا هئا. قرآن ڪريم جي ٽي وڏي سورت جو نالو حضرت عمران رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه جي مبارڪ نالي تي "آل عمران" آهي.

هڪ عرصي تائين حضرت حِنّہ رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡها کي اولاد نہ ٿي، ايستائين جو پاڻ پوڙهيون ٿي ويون ۽ اولاد ٿيڻ کان مايوس ٿي ويون. هڪ ڏينهن پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡها هڪ وڻ جي ڇانوَ ۾ هڪ جهرڪي ڏٺي، جيڪا پنهنجي ٻچن کي داڻو کارائي رهي هئي. اهو ڏسي سنڌن دل ۾ اولاد جو شوق جاڳيو ۽ بارگاهِ الٰهي ۾ دعا گهريائون تہ: "ياالله! جيڪڏهن تون مون کي اولاد عطا ڪرين تہ مان ان کي بيت المقدس جو خادم بڻائيندِيَس." پوءِ جڏهن پاڻ حامله ٿيون ۽ انهن اهڙي باسَ باسي ورتي تہ سنڌن مڙس حضرت عمران رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه فرمايو: "هي توهان ڇا ڪيو؟ جيڪڏهن نياڻي پيدا ٿي تہ اها بيت المقدس جي خدمت ڪيئن ڪري سگهندي، ڇوتہ بيت المقدس جي خدمت لاءِ ڇوڪرا ڏنا ويندا هئا". ۽ واقعي ٿيو بہ ائين وليءِ ڪامل جي زبان مان نڪتل ڳالهہ پوري ٿي ۽ حضرت حِنّہ رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡها مان حضرت بيبي مريم رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡها جي ولادت ٿي، پر حضرت عمران رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه جو حضرت بيبي مريم رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡها جي ولادت کان اڳ ئي انتقال ٿي ويو. (تفسير خازن، پارو: 3، آل عمران، تحت الآية: 35، 244/1)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

قرآن ڪريم ۾ انهن ٻنهي بزرگن جو ذڪر ڪجهہ هن طرح بيان ڪيو ويو آهي:

اِذۡ قَالَتِ امۡرَاَتُ عِمۡرٰنَ رَبِّ اِنِّیۡ نَذَرۡتُ لَکَ مَا فِیۡ بَطۡنِیۡ مُحَرَّرًا فَتَقَبَّلۡ مِنِّیۡ ۚ اِنَّکَ اَنۡتَ السَّمِیۡعُ الۡعَلِیۡمُ ﴿۳۵﴾ (پارو: 3، آل عمران: 35)

ترجمو ڪنزالعرفان: (ياد ڪريو) جڏهن عمران جي زال عرض ڪيو: اي منهنجا رب! مان تنهنجي لاءِ باسَ باسِيان ٿي تہ منهنجي پيٽ ۾ جيڪا اولاد آهي اُها خاص تنهنجي آزاد (وقف) آهي تہ تون مون کان (هي) قبول ڪر، بيشڪ تون ئي ٻڌڻ وارو، ڄاڻڻ وارو آهين.

جڏهن حضرت عمران رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ جي نيڪ سيرت زال حضرت حِنّه رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہا نيڪ ڪم بابت باسَ باسِي ۽ الله پاڪ سندن دعا قبول فرمائي تہ پوءِ الله پاڪ جي سڀ کان پياري ۽ آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي امت جي تمام وڏي ولي الله حضرت خواجه غريب نواز معين الدين حسن چشتي اجميري رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ جي مزار شريف تي جيڪڏهن ڪو مسلمان نيڪ ۽ جائز تمنا پوري ٿيڻ جي باس باسيندو، تہ الله پاڪ پنهنجي پياري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي امتي جي دعا پنهنجي مقبول ٻانهي ۽ وليءَ جي وسيلي سان ڇو نہ قبول فرمائيندو؟

## حضرت زليخا رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہا

حضرت زليخا رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہا حضرت يوسف عَلَیۡہِ السَّلَام تي ايمان آڻڻ کان پوءِ انهن جي زوجيت ۾ اچي ويون. ان وقت پاڻ ضعيف ٿي چڪيون هيون. الله پاڪ حضرت يوسف عَلَیۡہِ السَّلَام جي دعا جي برڪت سان ان کي سندن جواني موٽائي ڏني. (المستطرف، 194/1) پاڻ رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہا ڏينهن رات عبادت ڪنديون هيون ۽ ان کان سواءِ سندن ڪو ٻيو ڪم نہ هو. حضرت يوسف عَلَیۡہِ السَّلَام انهن جي توجهہ پاڻ ڏانهن نہ ڏني، تہ فرمايائون: "زليخا! تون تہ منهنجي محبت ۾ ديواني هئينءَ!" جواب ۾ فرمايائون: "اها ان وقت جي ڳالھ آهي جڏهن مان توهان جي محبت جي ماهيت (حقيقت) کان واقف نہ هُيَس، هاڻي مان توهان جي محبت جي حقيقت کي سڃاڻي چڪي آهيان." (مڪاشفة القلوب، ص: 32) الله پاڪ حضرت يوسف عَلَیۡہِ السَّلَام کي حضرت زليخا مان ٻہ پٽ عطا فرمايا: جن مان هڪ جو نالو افراثيم ۽ ٻئي جو نالو ميشا هو. (تفسير صراط الجنان، پارو: 13، يوسف، تحت الآية: 56، 19/5)

سيپارو **12**، سورت يوسف جي آيت نمبر **51** ۾ حضرت زليخا رَحمَةُاللّٰہِعَلَيْها جو ذڪر هن طرح ٿيل آهي:

قَالَتِ امْرَاَتُ الْعَزِیْزِ الْـٰٔنَ حَصْحَصَ الْحَقُّ٘-اَنَا رَاوَدْتُّهٗ عَنْ نَّفْسِهٖ وَ اِنَّهٗ لَمِنَ الصّٰدِقِیْنَ(۵۱)

ترجمو ڪنزالعرفان: عزيز جي عورت چيو: هاڻي اصل ڳالهه ظاهر ٿي وئي، مون ئي ان جي دل للچائڻ گهري هئي ۽ بيشڪ اهو سچو آهي.

ياد رکو! هن آيت ۾ حضرت زليخا رَحمَةُاللّٰہِعَلَيْها جي توبهه جو اعلان الله پاڪ بيان فرمائي ڇڏيو آهي، تنهنڪري هاڻي حضرت زليخا کي بُرن لفظن سان ياد ڪرڻ حرام آهي، ڇو ته اُها حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جي مقدس زوجه هئي.

(تفسير صراط الجنان، پارو: 12، يوسف، تحت الآية: 51، 575/4)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اي عاشقانِ اولياء! جڏهن الله پاڪ حضرت زليخا رَحمَةُاللّٰہِعَلَيْها کي توبهه ڪان پوءِ ايترو عظيم مرتبو عطا فرمائي سگهي ٿو ته پوءِ حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جي آقا، محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت ۾ توبهه ڪرڻ وارن کي ولايت جو تاج ڇو نه ٿو پارائي سگهي؟

## حضرت موسيٰ عليه السّلام جي زماني جا هزارين اولياءِ ڪِرام

الله پاڪ جي حڪم سان جڏهن حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام فرعون کي ايمان قبول ڪرڻ جي دعوت ڏني ته ان بدبخت جيڪو پاڻ کي خدا چِوِرائيندو هو، حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کان ڪا نشاني گهري. پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجو عصا شريف ڏيکاريو، جيڪو وڏو ازدها (نانگ جو هڪ قسم) بڻجي فرعون کي کائڻ لاءِ اُلرون ڪرڻ لڳو اهو ڏسي فرعون معافيون گهرڻ لڳو.

بعد ۾ فرعون چوڻ لڳو: مَعَاذَاللّٰه! هي ته جادو آهي، جيڪڏهن توهان منهنجي جادوگرن کي هارائي ڏيکاريو ته مان اوهان تي ايمان آڻيندس. لهٰذا حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام فرعون جي ڏنل وقت مطابق هڪ ميدان ۾ تشريف فرما

ٿيا، جتي هزارين جادوگر پنهنجا ڪرتب ڏيکاري رهيا هئا ۽ انهن کي ڏسڻ جي لاءِ لکين ماڻهو گڏ ٿيا هئا.

جادوگرن پنهنجون لَنِيُون ۽ رَسِيُون اڇلايون، تہ هڪدم اهي جادوءَ جي زور سان نانگ بڻجي پُوري ميدان ۾ ڊوڙڻ لڳيون. پر جڏهن حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام خدا جي حڪم سان پنهنجي مقدس لَٺِ کي زمين تي رکيو، تہ اها هڪ تمام وڏو ازدهو بڻجي جادوگرن جي سڀني نانگن کي کائي وئي. جڏهن حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ان کي پنهنجي مبارڪ هٿ ۾ کنيو، تہ اها ٻيهر پهريان جيان عصا ٿي وئي. اهو ڏسي جادوگرن کي يقين ٿي ويو تہ هي معجزو آهي، جنهن سان جادو مقابلو نہ ٿو ڪري سگهي. اهو معجزو ڏسي سيئي جادوگر پنهنجي هارَ مڃيندي سجدي ۾ ڪري پيا ۽ بلند آواز ۾ چيائون: ”اسان سڀني حضرت هارون ۽ حضرت موسيٰ عَلَيْهِمَاالسَّلَام جي رب تي ايمان آندو.“ فرعون بدبخت توبهہ ڪرڻ جي بدران انهن سڀني ايمان آڻڻ وارن کي، جيڪي هڪ لمحي ۾ مومن ٿيا ۽ ٻئي پل ۾ نبي جي نظر فيضِ اثر سان ولايت جي مقام تي پهچي ويا،انهن کي وڏي بيدردي سان شهيد ڪري ڇڏيو.

الله پاڪ انهن جو واقعو قرآن ڪريم ۾ سيپاري **16**، سورة طٰہٰ ۾ هن طرح ارشاد فرمايو آهي:

قَالُوْا یٰمُوْسٰۤى اِمَّاۤ اَنْ تُلْقِیَ وَ اِمَّاۤ اَنْ نَّكُوْنَ اَوَّلَ مَنْ اَلْقٰى (۶۵) قَالَ بَلْ اَلْقُوْا ۚ فَاِذَا حِبَالُهُمْ وَ عِصِیُّهُمْ یُخَیَّلُ اِلَیْهِ مِنْ سِحْرِهِمْ اَنَّهَا تَسْعٰى (۶۶) فَاَوْجَسَ فِیْ نَفْسِهٖ خِیْفَةً مُّوْسٰى (۶۷) قُلْنَا لَا تَخَفْ اِنَّكَ اَنْتَ الْاَعْلٰى (۶۸) وَ اَلْقِ مَا فِیْ یَمِیْنِكَ تَلْقَفْ مَا صَنَعُوْا ؕ اِنَّمَا صَنَعُوْا كَیْدُ سٰحِرٍ ؕ وَ لَا یُفْلِحُ السَّاحِرُ حَیْثُ اَتٰى (۶۹) فَاُلْقِیَ السَّحَرَةُ سُجَّدًا قَالُوْۤا اٰمَنَّا بِرَبِّ هٰرُوْنَ وَ مُوْسٰى (۷۰) قَالَ اٰمَنْتُمْ لَهٗ قَبْلَ اَنْ اٰذَنَ لَكُمْ ؕ اِنَّهٗ لَكَبِیْرُكُمُ الَّذِیْ عَلَّمَكُمُ السِّحْرَ ۚ فَلَاُقَطِّعَنَّ اَیْدِیَكُمْ وَ اَرْجُلَكُمْ مِّنْ خِلَافٍ وَّ لَاُصَلِّبَنَّكُمْ فِیْ جُذُوْعِ النَّخْلِ ۟ وَ لَتَعْلَمُنَّ اَیُّنَاۤ اَشَدُّ

عَذَابًا وَّ اَبْقٰى(۷۱) قَالُوْا لَنْ نُّؤْثِرَكَ عَلٰى مَا جَآءَنَا مِنَ الْبَیِّنٰتِ وَ الَّذِیْ فَطَرَنَا
فَاقْضِ مَاۤ اَنْتَ قَاضٍؕ اِنَّمَا تَقْضِیْ هٰذِهِ الْحَیٰوةَ الدُّنْیَاؕ(۷۲) اِنَّاۤ اٰمَنَّا بِرَبِّنَا
لِیَغْفِرَ لَنَا خَطٰیٰنَا وَ مَاۤ اَكْرَهْتَنَا عَلَیْهِ مِنَ السِّحْرِؕ وَ اللّٰهُ خَیْرٌ وَّ اَبْقٰى(۷۳)

**ترجموڪنزالعرفان:** انهن چيو اي موسيٰ! يا ته تون (لَٺِ هيٺ) اُڇلاءِ يا اسان پهريان اڇلايون. موسيٰ فرمايو: بلڪ توهان اڇلايو. پوءِ انهن جون رسيون ۽ لٺيون انهن جي جادو جي زور سان موسيٰ جي خيال ۾ ڊڪندڙ معلوم ٿيون، پوءِ موسيٰ پنهنجي دل ۾ خوف محسوس ڪيو. پوءِ اسان فرمايو: ڊڄ نه، بيشڪ تون ئي غالب آهين ۽ تون به ان کي اڇلاءِ جيڪو تنهنجي ساڄي هٿ ۾ آهي، اهو انهن جي ٺاهيل شين کي ڳيهي ويندو. بيشڪ جيڪو انهن ٺاهيو آهي، اهو ته فقط جادوگرن جي ٺَڳي آهي ۽ جادوگر ڪامياب ناهي ٿيندو، ڪٿي به اچي. پوءِ سڀ جادوگر سجدي ۾ ڪيرايا ويا ۽ اهي چوڻ لڳا: اسان هارون ۽ موسيٰ جي رب تي ايمان آندو. فرعون چيو: ڇا توهان ان تي ايمان آندو، منهنجي اجازت کان اڳي؟ بيشڪ اهو توهان جو وڏو آهي، جنهن توهان سڀني کي جادو سيکاريو. پوءِ مون کي قسم آهي مان ضرور توهان جي هڪ طرف جو هٿ ۽ ٻئي پاسي جو پير ڪپيندس ۽ توهان کي کَجيءَ جي ٿُڙن تي ڦاهي چاڙهيندس ۽ ضرور توهان کي معلوم ٿي ويندو ته اسان ۾ ڪنهن جو عذاب سخت گهڻو باقي رهڻ وارو آهي. انهن چيو: اسان ان روشن دليلن تي هرگز توکي ترجيح نه ڏينداسين جيڪي اسان وٽ آيا آهن. اسان کي پنهنجي پيدا ڪرڻ واري جو قسم، سو تون جيڪو ڪرڻ وارو آهين ڪر. تون هن دنيا جي زندگيءَ ۾ ئي ته ڪندين. بيشڪ اسان پنهنجي رب تي ايمان آندو ته اهو اسان جون خطائون اهو جادو بخشي جنهن تي تو اسان کي مجبور ڪيو هو ۽ اللّٰه بهتر آهي ۽ سڀ کان وڌيڪ باقي رهندڙ آهي.

صحابي ابن صحابي حضرت عبداللّٰه بن عباس رضی اللّٰه عنهما فرمائن ٿا: اهو ڏينهن (جڏهن حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ۽ جادوگرن ۾ مقابلو ٿيو هو) عاشورا(يعني ڏهين محرم) جو ڏينهن هو. (تفسير خازن، پارو 16، طٰهٰ، تحت الآية: 59، 257/3)

حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جو معجزو ڏسي جادوگر ايتري تہ تيزي سان سجدي ۾ ڪري پيا جو ائين لڳو ڄڻ انهن کي ڪنهن پڪڙي سجدي ۾ ڪيرايو هجي. منقول آهي تہ هن سجدي ۾ انهن کي جنت ۽ دوزخ ڏيکاريا ويا ۽ انهن جنت ۾ پنهنجون منزلون ڏسي ورتيون.

(تفسير مدارک، پارو 16، طٰه، تحت الآية: 70، ص: 696)

## باريک نقطو

مفسرين ڪرام فرمائن ٿا: جادوگرن ادب جي ڪري مقابلو پهريان شروع ڪرڻ حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي مبارڪ راءِ تي ڇڏيو ۽ ان جي برڪت سان آخرڪار الله پاڪ انهن کي ايمان جي دولت سان مشرف فرمايو.

(تفسير خزائن العرفان، پارو: 16، طٰه، تحت الآية: 65، ص: 590)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## حضرت بِيبِي آسيہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهَا

حضرت بيبي آسيہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهَا فرعون جي زوجہ هئي. پاڻ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي اولاد مان هيون. پاڻ غريبن ۽ مسڪينن تي رحم ۽ ڪرم ڪنديون هيون. (تفسير بغوي، پارو: 20، القصص، تحت الآية: 9، 375/3)

جڏهن حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي مقابلي ۾ جادوگر آيا ۽ آخر ۾ سجدي ۾ ڪري ايمان آندائون تہ اهو سڄو منظر پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهَا بہ پنهنجي محل جي ڇت تان ڏسي رهيون هيون. انهن جي بہ دل ۾ ايمان جو نور چمڪيو ۽ ايمان آندائون. جڏهن فرعون کي ان ڳالهہ جي خبر پئي تہ ان بدبخت سندن مٿان ايترو تہ ظلم ۽ ستم جو جسم ڏڪي وڃي. سڀ کان پهريان هن بدبخت بغير تڪليف جي ڪين ايمان کان هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پاڻ اٽل رهيون.

جڏهن فرعون پنهنجي ان ڪوشش ۾ ناڪام ٿيو، تہ هن مَعاذَالله پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهَا جي مبارڪ هٿن ۽ پيرن ۾ ميخون (يعني ڪِلَ) هڻي، سج جي طرف منهن ڪري اُسَ ۾ ليٽائي ڇڏيو ۽ سندن سيني تي جَندَ جو پُڙُ رکي ڇڏيو (تہ جيئن چُري پُري نہ سگهن). ايتري تڪليف هئڻ جي باوجود بہ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهَا

فرمايو: (اي خدا جا دشمن، ظالم انسان!) تون منهنجي وجود تي قادر ته ٿي سگهين ٿو، پر منهنجي دل منهنجي رب جي پناهه ۾ آهي. جيڪڏهن تون منهنجي جسم جا ٽڪرا ٽڪرا به ڪري ڇڏيندين، تڏهن به منهنجي عشق ۾ ڪا ڪمي نه ايندي، پر ان سان منهنجو عشق اڃان وڌيڪ مضبوط ٿيندو.“ اهو منظر جڏهن حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام ڏٺو، ته پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡهَا ڪانئن پڇا ڪئي ته: ”منهنجو رب مون کان راضي آهي يا ناراض آهي؟“ حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايو: ”اي آسيه! آسمان جا فرشتا تنهنجي انتظار ۾ آهن ۽ الله تنهنجي ڪارنامن تي فخر فرمائي رهيو آهي. سوال ڪر! تنهنجي هر ضرورت پوري ڪئي ويندي. پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡهَا دعا گهري. (مڪاشفة القلوب، ص: 35، ملخصاً)

جنهن جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ هن طرح آهي:

وَ ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا لِّلَّذِیْنَ اٰمَنُوا امْرَاَتَ فِرْعَوْنَ ۘ اِذْ قَالَتْ رَبِّ ابْنِ لِیْ عِنْدَكَ بَیْتًا فِی الْجَنَّةِ وَ نَجِّنِیْ مِنْ فِرْعَوْنَ وَ عَمَلِهٖ وَ نَجِّنِیْ مِنَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِیْنَ ۙ﴿۱۱﴾

(پارو: 28، التحريم: 11)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ الله مسلمانن جي لاءِ فرعون جي گهرواريءَ ڪي مثال بڻائي ڇڏيو، جڏهن ان عرض ڪيو: اي منهنجا رب! منهنجي لاءِ پاڻ وٽِ جنت ۾ هڪ گهر ٺاهه ۽ مون کي فرعون ۽ ان جي عمل کان نجات ڏي ۽ مون کي ظالم ماڻهن کان نجات ڏي.

فرعون ڪين شهيد ڪرڻ جو فيصلو ڪندو آهي ۽ پنهنجي ڪارندن کي چوندو آهي ته هڪ تمام وڏو پٿر ڪٽي اچو! جيڪڏهن پٿر ڏسي به هيءَ پنهنجي ڳالهه تي قائم رهي ٿي، ته اهو پٿر سندس مٿان اڇلائي ڇڏيو ۽ جيڪڏهن رجوع ڪري ٿي ته هيءَ منهنجي گهرواري آهي. پٿر آندو ويو، پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡهَا آسمان ڏانهن نگاهه ڪٽي ڏسن ٿيون ته اتي ڪين جنت ۾ پنهنجو (اڇن موتين جو) گهر نظر اچي رهيو هوندو آهي، جنهن سان سندن حوصلو اڃا وڌيڪ وڌي ويندو آهي ۽ انهيءَ ئي حالت ۾ سندن روح پرواز ڪري ويندو آهي، ان کان پوءِ انهن جي مٿان پٿر اڇلايو ويندو آهي ۽ اهو اهڙي بدن تي ڪرندو آهي جنهن ۾ روح نه هوندو آهي.

(تفسير بغوي، پارو: 28، التحريم، تحت الآية: 11، 432/4، ملخصاً)

## حضرت بِيبِي آسيہ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡها جي لاءِ تمام وڏي خوشخبري

حضرت بِيبِي آسيہ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡها جي هڪ وڏي فضيلت اها آهي تہ اُهي جنت ۾ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون زوجہ هونديون. جيئن منقول آهي تہ جڏهن حضرت خديجہ رضی اللّٰه عنها مرضِ وفات ۾ مبتلا هيون، تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن وٽ تشريف فرما ٿيا ۽ فرمايائون: ”توکي خبر آهي تہ الله پاڪ جنت ۾ منهنجو نڪاح توسان گڏ، مريم بنتِ عمران، حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي ڀيڻ ڪُلثم (1) ۽ فرعون جي زال آسيہ سان فرمايو آهي.“ (معجم کبير: 451/22، حديث: 1100)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي والده محترم حضرت بِيبِي مريم رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡها

حضرت مريم رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡها جي ولادت شريف کان اڳ ۾ سندن معزز والد حضرت عمران رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه وفات ماڻي چڪا هئا. تنهنڪري انهن جو نالو سندن والده محترمہ رکيو، جيئن قرآن ڪريم ۾ آهي:

﴿ وَاِنِّیۡ سَمَّیۡتُهَا مَرۡیَمَ ﴾ (پارو: 3، آل عمران: 36)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ (ان چيو تہ) مون هن نياڻيءَ جو نالو مريم رکيو.

پاڻ حضرت سليمان بن داود عَلَيۡهِمَا السَّلَام جي اولاد مان آهن. قرآن ڪريم ۾ سندن ڪرامتن جو بہ ذڪر آهي (جيڪو اڳتي قسط وار رسالي ۾ ايندو).

جيڪو شخص حضرت مريم رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡها تي (مَعَاذَالله) زنا جي تهمت لڳائي، اهو يقيناً قطعي ڪافر ۽ مرتد آهي، ڇو تہ اهڙو عقيدو رکڻ قرآني آيتن جي سراسر خلاف آهي.

---

(1)...ڪجھ عالم سندن نالو مريم بہ ذڪر ڪيو آهي- (تفسير صاوی، پ20، القصص، تحت الآية:11، ص1521)

وَ مَرۡیَمَ ابۡنَتَ عِمۡرٰنَ الَّتِیۡۤ اَحۡصَنَتۡ فَرۡجَهَا فَنَفَخۡنَا فِیۡهِ مِنۡ رُّوۡحِنَا وَ صَدَّقَتۡ بِکَلِمٰتِ رَبِّهَا وَ کُتُبِهٖ وَ کَانَتۡ مِنَ الۡقٰنِتِیۡنَ ﴿۱۲﴾

(پارو: 28، التحريم: 12)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ عمران جي ڌيءُ مريم جنهن پنهنجي پارسائي جي مقام جي حفاظت ڪئي پوءِ اسان ان ۾ پنهنجي طرف کان روح ڦوڪيو ۽ ان پنهنجي رب جي ڳالهين ۽ ان جي ڪتابن جي تصديق ڪئي ۽ اها فرمانبردارن مان هئي.

## حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي والده محترمه ۽ پيڻ

حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي والده محترمه وڏيون نيڪ خاتون هيون، سندن نالو مبارڪ ”يوحانذ“ هو ۽ معزز والد جو نالو عمران هو.

(عجائب القرآن مع غرائب القرآن، ص: 176)

فرعون هڪ دفعي خواب ۾ ڏٺو ته ”بيت المقدس“ مان هڪ باهه نڪتي آهي، جنهن سڄي مصر کي پنهنجي لَپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو آهي ۽ تمام قبطين کي ساڙي ڇڏيو آهي، پر بني اسرائيل وارن کي باهه ڪو به نقصان نه پهچايو آهي. هي عجيب و غريب خواب ڏسي فرعون پريشان ٿي ويو. هن نجومين کان تعبير معلوم ڪئي ته انهن کيس ٻڌايو ته ”بني اسرائيل ۾ هڪ ڇوڪرو پيدا ٿيندو، جيڪو تنهنجي بادشاهت ختم ٿيڻ جو سبب بڻجندو.“ اهو ٻڌي فرعون حڪم ڏنو ته بني اسرائيل ۾ جيڪو به ڇوڪرو پيدا ٿئي، ان کي قتل ڪيو وڃي. اهڙي طرح فرعون جي حڪم سان **12** هزار يا **70** هزار ڇوڪرا قتل ڪيا ويا. (تفسير خازن، پارو: 1، البقرة، تحت الآية: 49، 52/1)

جڏهن حضرت موسيٰ ڪليم الله پيدا ٿيا، ته انهن جي ٻنهي اکين جي وچ مان نور جا ڪرڻا نڪري رهيا هئا. (تفسير بغوي، پارو: 20، القصص، تحت الآية: 7، 373/3)

پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهَا (يعني حضرت موسيٰ جي والده) ڪجهه ڏينهن حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام کي کير پياريندي رهيون، ان عرصي دوران حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام نه روئندا هئا ۽ نه ئي سندن هنج ۾ ڪا حرڪت ڪندا هئا، سندن ڀيڻ کان علاوه ڪنهن کي به پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام جي ولادت جي خبر نه هئي.

جڏهن کين فرعون کان خطرو محسوس ٿيو، تہ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي هڪ صندوق ۾ رکي (جيڪو خاص ان مقصد لاءِ تيار ڪيو ويو هو) رات جي وقت درياءَ نيل ۾ لوڙهيو ويو. (تفسير خازن، پارو: 20، القصص، تحت الآية: 7، 423/3، تفسير مدارڪ، پارو: 20، القصص، تحت الآية: 7، ص: 861، تفسير جلالين، پارو: 20، القصص، تحت الآية: 7، ص: 326، ملتقطاً)

الله پاڪ جي هن نيڪ ٻانهي وليہ جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ هن طرح آهي:

وَ اَوْحَيْنَاۤ اِلٰۤى اُمِّ مُوْسٰۤى اَنْ اَرْضِعِيْهِ ۚ فَاِذَا خِفْتِ عَلَيْهِ فَاَلْقِيْهِ فِى الْيَمِّ وَ لَا تَخَافِىْ وَ لَا تَحْزَنِىْ ۚ اِنَّا رَآدُّوْهُ اِلَيْكِ وَ جَاعِلُوْهُ مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿۷﴾ (پارو: 20، القصص: 7)

**ترجموڪنزالعرفان:** ۽ اسان موسيٰ جي ماءُ کي الهام فرمايو تہ تون ان کي کير پيار، پوءِ جڏهن توکي ان تي خوف ٿئي تہ ان کي درياءَ ۾ وجهي ڇڏ ۽ خوف نہ ڪر ۽ نہ غم ڪر، بيشڪ اسان ان کي تنهنجي طرف آڻينداسين ۽ ان کي رسولن منجهان بڻائينداسين.

سورت القصص ۾ انهن آيتن کان پوءِ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي ڀيڻ "حضرت مريم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهَا" جو ذڪر بہ قرآن ڪريم ۾ موجود آهي:

وَ قَالَتْ لِاُخْتِهٖ قُصِّيْهِ ۫ فَبَصُرَتْ بِهٖ عَنْ جُنُبٍ وَّ هُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿۱۱﴾ وَ حَرَّمْنَا عَلَيْهِ الْمَرَاضِعَ مِنْ قَبْلُ فَقَالَتْ هَلْ اَدُلُّكُمْ عَلٰۤى اَهْلِ بَيْتٍ يَّكْفُلُوْنَهٗ لَكُمْ وَ هُمْ لَهٗ نٰصِحُوْنَ ﴿۱۲﴾ فَرَدَدْنٰهُ اِلٰۤى اُمِّهٖ كَىْ تَقَرَّ عَيْنُهَا وَ لَا تَحْزَنَ وَ لِتَعْلَمَ اَنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّ لٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۳﴾ (پارو: 20، القصص: 11، 12، 13)

**ترجموڪنزالعرفان:** ۽ ان جي ماءُ ان جي ڀيڻ کي چيو: ان جي پٺيان وڃ پوءِ اُها ڀيڻ ان کي پري کان ڏسندي رهي ۽ انهن (فرعون وارن کي) خبر نہ هئي ۽ اسان اڳ ۾ ئي سيئي دايُون ان تي حرام ڪري ڇڏيون هيون سو موسيٰ جي ڀيڻ چيو ڇا مان توهان کي اهڙا گهر وارا ٻڌايان جيڪي توهان جي هن ٻار جي ذميواري کڻن ۽ اهي ان جا خيرخواهہ بہ هجن. سو اسان ان کي ان جي ماءُ جي طرف موٽائي ڏنو تہ جيئن ماءُ جون اکيون ٺرن ۽ اها غمگين نہ ٿئي ۽ ڄاڻي وٺي تہ الله جو واعدو سچو آهي، پر اڪثر ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن.


اي عاشقانِ اولياء! قرآن ڪريم ۾ اڳين امتن جي تقريباً **20** ولين سڳورن ۽ حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام تي ايمان آڻي انهن جي نظر فيض اثر سان ولايت جو تاج پائڻ وارن هزارين اولياءِ ڪرام جو ذڪر خير ڪيو ويو آهي. الله پاڪ اسان کي پنهنجن وَلين جي محبت ۽ عقيدت نصيب فرمائي ۽ انهن جو ادب ۽ احترام ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. دنيا جا مسلمانن شروع کان وٺي بزرگانِ دين رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡهِم کان فيض وٺندا آيا آهن، انهن جي ظاهري حياتِ مبارڪ ۾ انهن وٽ حاضر ٿيندا رهيا آهن ۽ انتقال شريف کان پوءِ به سندن مزارن مان برڪتون حاصل ڪندا آيا آهن. اسان کي به انهن جي نقش قدم تي هلندي بزرگان دين رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡهِم سان محبت ۽ عقيدت رکڻ گهرجي. مَعاذَالله ثُمَّ مَعاذَالله! اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡهِم جي باري ۾ ذهن ۾ بدگماني يا بُري سوچ رکڻ کان بچو. خدا نخواسته جيڪڏهن ڪو شيطاني وسوسا ڏياري ته فوراً علماءِ اهل سنت يا دار الافتا اهل سنت ۾ حاضر ٿي پنهنجن وسوسن جو علاج ڪرايو. اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡهِم سان بداعتقادي آهستي آهستي نيڪن ۽ بزرگن جي بي ادبي ڏانهن وٺي ويندي آهي، جيڪا هڪ مسلمان جي دين لاءِ زهرِ قاتل آهي. اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡهِم جي متعلق زبان درازي ڪرڻ واري جي پاڇي کان به پري ڀڄو، نه ته ان تي پَوَڻ واري نحوست توهان کي به پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي سگهي ٿي. الله پاڪ جن جو شان بيان فرمائي، الله پاڪ جن جا رتبا عام ماڻهن کان وڌائي، اسان انهن تي تنقيد ڪري پنهنجو ئي دامن داغدار ڪري سگهون ٿا، پر انهن بزرگان دين جو ڪجهه به نه ٿا بگاڙي سگهون. اهي الله پاڪ جون وڏيون نيڪ هستيون آهن، جن تي هر وقت الله پاڪ جون رحمتون وَسنديون رهنديون آهن. اسان کي به گهرجي ته انهن کان فيض حاصل ڪريون.

حضرت مولانا روم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي اشعار جي روشني ۾ مولانا عبدالمصطفيٰ اعظمي رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه لکن ٿا: اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡهِم کي عام

انسانن وانگر نہ سمجھڻ گھرجي، بلڪ اهو عقيدو رکي اولياءِ ڪرام جي تعظيم ۽ تڪريم ڪرڻ گھرجي تہ انهن تي خداوندِ ڪريم جو خاص فضلِ عظيم آهي ۽ اهي بي پناهہ روحاني طاقتن جا بادشاهہ بلڪ شهنشاهہ آهن. اهي ماڻهو الله پاڪ جي حڪم سان وڏيون وڏيون بلائون ۽ مصيبتون ٽاري سگهن ٿا ۽ سندن قبرن جو بہ ادب ڪرڻ لازمي آهي ڇو تہ اولياء جي قبرن تي الله پاڪ جي فيوض ۽ برڪات جي بارش ٿيندي رهندي آهي ۽ جيڪو عقيدت ۽ محبت سان سندن قبرن جي زيارت ڪندو آهي، اهو ضرور انهن بزرگن جي فيض ۽ برڪت سان مالا مال ٿيندو آهي.

(عجائب القرآن مع غرائب القرآن، ص: 192)

ايندڙ هفتي جو رسالو




فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net